# هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو سُنتن ڀريو بيان

11 August 2016

## نعمتن جو شڪر ادا ڪرڻ جو طريقو

SINDHI

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ ط

اَمَّا بَعْدُ! فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْم ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم ط

# نعمتن جو شڪر ادا ڪرڻ جو طريقو

اَلصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُولَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَ اَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَ اَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيتُ سُنَّتَ الاِعتِكاف

(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي نفلي اعتڪاف جي نيّت ڪري ونو، جيستائين مسجد ۾ رهندؤ نفلي اعتڪاف جو ثواب پڻ ملندو رهندو ۽ ضمنًا مسجد ۾ ڪائڻ پيئڻ بہ جائز ٿي ويندو.

## دُرود شريف جي فضيلت

نبي ڪريم صَلَّى الله تَعَالٰى عَلَيه واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمانِ عَظمت نشان آهي: الله عَزَّ وَجَلَّ منهنجي اُمت جي باري ۾ مون تي جيڪو انعام فرمايو مان ان جي شڪراني ۾ سجدي ۾ هليو ويس اهو انعام هي آهي تہ منهنجو جيڪو اُمّتي مون تي هڪ ڀيرو دُرُودِ پاڪ پڙهندو الله عَزَّوَجَلَّ ان جي لاءِ 10 نيڪيون لکندو.

(مسند ابي يعلي،مسند انس عبدالرحمن بن عوف،۳۵۴/۱،حديث:۸۵۵)

شافی و نافی ہو تم کافی و وافی ہو تم درد کو کر دو دوا تم پہ کروڑوں دُرُود

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نيتون ڪيون ٿا. فرمانِ مصطفيٰصَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: نِيَّةُ الْمُؤمِنِ خَيرٌ مِّن عَمَلِهٖ. يعني مسلمان جي نيت ان جي عمل کان بهتر آهي.[1]

**ٻہ مدني گُل:** 1 بنا سٺي نيت جي ڪنهن بہ نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو. 2 جيتريون سٺيون نيتون وڌيڪ، اوترو ثواب بہ وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نيّتون

❁ نگاهون جهڪائي انتهائي توجه سان بيان ٻُڌندس ❁ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو گوڏا ڀڃي ويهندس ❁ ضرورت طور سوڙهو ٿي سِرڪي ٻين جي لاءِ جاءِ ڪُشادي ڪندس ❁ ڌِڪو وغيره لڳو تہ صبر ڪندس، گهورڻ، جهڙڪڻ ۽ اُلجهڻ کان بچندس ❁ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذكُرُوالله، تُوبُوا اِلَي الله! وغيره ٻُڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي (يعني دلداري) جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❁ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مُصافحو ۽ اِنفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## شڪرگذار جي حڪايت

حضرت سيدُنا سلمان فارسي رَضِيَ الله تَعَالٰي عَنْه فرمائن ٿا: هڪ شخص کي دُنيا جي دولت کان گهڻو نوازيو ويو هو ۽ پوءِ سڀ ڪجهہ ختم ٿي ويو تہ اهو الله عَزَّوَجَلَّ جي ساراهہ ۽ حمد ڪرڻ لڳو ايستائين جو ان وٽ وڃائڻ جي لاءِ صرف هڪ فراسي باقي رهي پر پوءِ بہ اهو الله عَزَّوَجَلَّ جي حمد ۽ ثنا ۾ مصروف رهيو. هڪ ٻئي مالدار شخص فراسي واري کي چيو: ”هاڻي توهان ڪهڙي ڳالهہ جي ڪري الله عَزَّوَجَلَّ جو شڪر ادا ڪيو ٿا؟“ ان چيائين: ”مان انهن نعمتن

[1] (المعجم الكبير للطبراني، باب السين،سهل بن سعد الساعدى الحديث: 5942، ج 6، ص 185)

www.dawateislami.net

تي الله عَزَّوَجَلَّ جو شڪر ادا ڪيان ٿو جو جيڪڏهن مان سڄي دُنيا جي دولت بہ ڏيان تہ اهي نعمتون مون نہ ملن.“ ان پڇيو: ”اهي ڪهڙيون؟“ جواب ڏنو: ”چا تون پنهنجي اک، زبان، هٿن ۽ پيرن ڪي نٿو ڏسين (جوتہ اهي بہ الله عَزَّوَجَلَّ جون ڪيڏيون وڏيون نعمتون آهن)؟“ (شعب الايمان،۴/۱۱۲،حديث:۴۴۶۲)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هن نصيحت آموز حڪايت مان معلوم ٿيو تہ شُڪر صرف مال دولت ۽ خوشين جي ملڻ تي ناهي ڪيو ويندو بلڪ هر حال ۾ الله عَزَّوَجَلَّ جو شڪر ادا ڪرڻ گهرجي پر افسوس اسان جو حال هي آهي جو خوشين ۽ مال ودولت جي گهڻائي تي اسان الله عَزَّوَجَلَّ جو شڪر ادا ڪيون ٿا ۽ جيڪڏهن ٿورڙي پريشاني، بيماري يا تنگدستي اچي تہ شڪوه شڪايت ڪرڻ تي اچي ويندا آهيون حالانڪ انسان جيڪڏهن پنهنجي ذات ۾ غور ڪري تہ ان کي پنهنجي رَبّ جون ڏنل هزارين نعمتون نظر ايندين تہ اهو سڄي زندگي بہ الله عَزَّوَجَلَّ جي نعمتن جو شڪر ادا ڪندو رهي تڏهن بہ گهٽ آهي ۽ واقعي اها بہ هڪ حقيقت آهي تہ جيڪڏهن انسان کي سڄي ڪائنات جي دولت ڏني وڃي ۽ اک، ڪن، زبان، هٿ ۽ پير اهي يہ نعمتون نہ ڏنيون وڃن تڏهن انهن جي اَهميت جو اندازو ٿيندو، الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن نعمتن جي شڪر ڏانهن اسان جو تَوَجُّہ ٿائين ناهي ويندو جڏهن تہ اک ڪيڏي وڏي نعمت آهي هي ڪو انڌي کان پڇي، زبان ڪيڏي عظيم نعمت آهي اهو ڪنهن گُونگي کان پڇي، بهر حال اسان جو سڄو جسم خدا جي نعمتن جو مرڪز آهي ايستائين جو اسان جي وات ۾ ٿڪ (Spit) بہ هڪ نهايت وڏي نعمت آهي جنهن کي اسان گندگي سمجهون ٿا ان جي اهميت انسان ان کي پڇي جنهن جي وات ۾ ٿڪ(Spit) ضرورت کان گهٽ ٿئي. جسماني عضون (Parts of body) جو شڪر صرف اهو ناهي تہ ٻانهو زبان مان چوي تہ ياالله عَزَّوَجَلَّ تنهنجو شڪر آهي بلڪ ان جو شڪر ڪهڙي طريقي سان ادا ڪيو ويندو آهي ان باري ۾ هڪ حڪايت ٻڌو.

## جسماني عضون جو شڪر ڇا آهي

حضرت سيدُنا محمد بن هاني رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰي عَلَيه پنهنجي ڪنهن دوست جي حوالي سان بيان ڪن ٿا ته هڪ شخص حضرت سيدُنا ابُو حازِم رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰي عَلَيه کي عرض ڪيو: ”اي ابُو حازم! اکين جو شڪر ڇا آهي؟“ ارشاد فرمايائون: ”انهن جي ذريعي جو چڱي ڳالهه ڏسو ته ان کي عام ڪيو ۽ جيڪڏهن بُري ڳالهه ڏسو ته ان کي لڪايو. ”ان عرض ڪيو: ”ڪنن جو شڪر ڇا آهي؟“ پاڻ ارشاد فرمايائون: ”جيڪڏهن انهن جي ذريعي چڱي ڳالهه ٻڌو ته ان کي ياد ڪيو ۽ جيڪڏهن بُري ڳالهه ٻڌو ته پوشيده رکو.“ ان عرض ڪيو: ”هٿن جو شڪر ڇا آهي؟“ پاڻ ارشاد فرمايائون: ”انهن سان اهڙي شيء حاصل نه ڪيو جيڪو انهن جي لاءِ جائز ناهي ۽ ان مان جيڪو اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جو حق آهي ان کي نه روڪيو.“ ان عرض ڪيائين: ”پيٽ جو شڪر ڇا آهي؟“ پاڻ ارشاد فرمايائون: ”پيٽ جو شڪر هي آهي ته ان جي هيٺين حصي ۾ کاڌو هجي جڏهن ته مٿيون حصو علم سان تمتار هجي." ان عرض ڪيائين: ”شرمگاهه جو شڪر ڇا آهي؟“ فرمايائون: ”جيئن ته اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جو فرمانِ عاليشان آهي:

وَ الَّذِيْنَ هُمْ لِفُرُوْجِهِمْ حٰفِظُوْنَۙ﴿۵﴾ اِلَّا عَلٰۤى اَزْوَاجِهِمْ اَوْ مَا مَلَكَتْ اَيْمَانُهُمْ فَاِنَّهُمْ غَيْرُ مَلُوْمِيْنَۚ﴿۶﴾ فَمَنِ ابْتَغٰى وَرَآءَ ذٰلِكَ فَاُولٰٓىِٕكَ هُمُ الْعٰدُوْنَۚ﴿۷﴾

تَرْجَمَهٔ ڪنز الايمان: ۽ اُهي جيڪي پنهنجي شرمگاهن جي حِفاظت ڪندڙ آهن. مگر پنهنجيُن زالُن يا شرعِي ٻانهيُن تي جيڪي اُنهن جي هٿ ملڪيت آهن (اُنهن سان) اُنهن تي ڪا ملامت نه آهي. پوءِ جيڪو اُنهن ٻن ڪانسواءِ ڪُجهه ٻيو گُهري ته اُهي حد کان لنگهندڙ آهن.

ان ڇيائين: پيرن جو شڪر ڇا آهي؟ پاڻ ارشاد فرمايائون: ”جيڪڏهن توهان ڪنهن اهڙي زنده کي ڏسو جنهن تي توهان کي رشڪ اچي ته انهن پيرن سان ان شخص جهڙو عمل ڪيو (يعني نيڪ عمل ڪيو) ۽ جيڪڏهن ڪنهن

اهڙي مڙدي کي ڏسو جنهن کان توهان بيزار هجو تہ انهن پيرن کي ان شخص جهڙي عمل کان روکي ونو (يعني برائي ڏانهن قدم نہ وڌايو). اهڙي طرح توهان الله عَزَّ وَجَلَّ جو شکرادا ڪرڻ وارو بڻجي ويندو .

۽ جنهن صرف زباني شڪر ڪيو باقي عضون سان نہ ڪيو تہ ان جو مثال ان شخص جهڙو آهي جنهن وٽ هڪ ڪپڙو هجي ۽ اهو ان جو هڪ ڪنارو پڪڙي وٺي پر پائي نہ اهو ان کي گرمي، سردي، برف ۽ برسات کان بچڻ جو فائده نہ ڏيندو." (حلية الاولياء،٢٧٩/٣،رقم:٣٩٦٣)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جيڪو الله عَزَّوَجَلَّ جي رِضا تي راضي رهندو آهي ۽ هرحال ۾ ان جي نعمتن جو شڪر اَدا ڪندو آهي تہ الله عَزَّوَجَلَّ ان جي نعمتن ۾ مزيد اِضافو ڪندو آهي، لهٰذا اسان کي بہ گهرجي تہ اسان بہ هر حال ۾ پنهنجي خالق ۽ مالڪ عَزَّوَجَلَّ جو شڪر اَدا ڪندا رهون. ياد رکو! جيڪڏهن اسان الله عَزَّوَجَلَّ جي هر نعمت جو شڪر ادا ڪرڻ جي عادَت بڻائي ونون تہ اِنْ شَآءَاللہ عَزَّوَجَلَّ ان جون خُوب خُوب بَرڪتون حاصِل ٿينديون. حضرت ڪعب رَضِي الله تَعَالٰي عَنْه فرمائن ٿا: الله تعاليٰ دُنيا ۾ ڪنهن ٻانهي تي اِنعام ڪري پوءِ اهو الله تعاليٰ جي لاءِ ان نعمت جو شڪر اَدا ڪري ۽ ان نعمت جي وجہ سان الله تعاليٰ جي لاءِ تواضُع ڪري تہ الله تعاليٰ ان کي دنيا ۾ ان نعمت سان نَفع ڏيندو آهي ۽ ان جي وجہ سان ان جا آخرت ۾ دَرجا بُلند ڪندو آهي. ۽ جنهن تي الله تعاليٰ دُنيا ۾ اِنعام فرمايو ۽ ان شڪر اَدا نہ ڪيو ۽ نہ ئي الله تعاليٰ جي لاءِ ان تواضُع ڪئي تہ الله تعاليٰ دنيا ۾ اس نعمت جو نَفْع ان کان روڪي ونندو آهي ۽ ان جي لاءِ جهنّم جو هڪ طبق کولي ڇڏيندو آهي ،پوءِ جيڪڏهن الله تعاليٰ چاهيندو تہ ان کي (آخرت ۾) عذاب ڏيندو يا ان سان در گذر فرمائيندو.

(رسائل ابن ابي الدنيا، التواضع والخمول، ٥٥٥/٣، رقم: ٩٣)(صراط الجنان،٢٣٥/١)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## شڪر جي وصف

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان کي ﺑﻪ الله عَزَّوَجَلَّ جي هر هر نعمت جو شڪرادا ڪرڻ گهرجي. اچو شڪر جي وصف ﺑﻪ ٻڌي ونون ٿا جيئن حُجة الاسلام حضرت سَيدُنا امام محمد غزالي رَحمَةُ الله تَعَالٰی عَلَيه ارشاد فرمائن ٿا: شڪر جو مَطلب آهي ﺗﻪ ڪنهن جي احسان و نعمت جي وجه سان زبان، دل يا عضون سان ان جي تعظيم ڪئي وڃي.

## شڪر جا مختلف طريقا

امام غزالي رَحْمَةُالله تَعَالٰي عَلَيه مزيد فرمائن ٿا ”دل جو شڪر هي آهي ﺗﻪ نعمت سان گڏ خير ۽ نيڪي جو اِرادو ڪيو وڃي ۽ زبان جو شڪر هي آهي ﺗﻪ ان نعمت تي الله تعاليٰ جي حمد وثناء ڪئي وڃي ۽ باقي عضون جو شڪر هي آهي ﺗﻪ الله تعاليٰ جي نعمتن کي الله تعاليٰ جي عبادت ۾ خرچ ڪيو وڃي ۽ هنن نعمتن کي الله تعاليٰ جي نافرماني ۾ لڳائڻ کان بچايو وڃي ايستائين جو اکين جو شڪر هي آهي ﺗﻪ ڪنهن مسلمان جو عيب ڏسي ﺗﻪ ان تي پردو وجهي. (احياء العلوم، ۱۰۳/۴)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!جيڪڏهن اسان نعمتن جو حق اَدا ڪندي انهن طريقن سان شڪرِ الٰهي ادا ڪنداسين ﺗﻪ الله عَزَّوَجَلَّ جي رحمت کان هي اُميد آهي ﺗﻪ اهو ڪريم رَبّ عَزَّوَجَلَّ پنهنجي نعمتن ۾ اِضافو ڪندو رهندو ۽ جيڪڏهن ان جي نعمتن کان فائدو ڪٺڻ جي باوجود ﺑﻪ اسان ناشڪري ۽ شڪوو شڪايت ڪندا رهياسين ﺗﻪ ان سان الله عَزَّوَجَلَّ ناراض ٿيندو ۽ ٿي سگهي ٿو ﺗﻪ اسان وٽان اها نعمت ﺑﻪ ڪسجي وڃي. الله تعاليٰ اسان کي بي شمار نعمتون عطا فرمايون آهن جنهن کي شُمار ڪرڻ سان عقلِ انساني حيران آهي، اُن جي هر هڪ نعمت بي شُمار حڪمتن جو مَجموعو آهي، اڄ سائنس تمام گهڻي ترقي ڪئي آهي ۽ نئين کان نئين ايجادن جو سلسلو جاري آهي پر دنيا ۾ اڄ تائين ڪو اهڙو آلو (Device) يا نظام ايجاد ﻧﻪ ٿي سگهيو جو جنهن سان الله عَزَّوَجَلَّ جي بي

شُمار نعمتن جو تعداد معلوم ڪري سگهجي، اللّٰه تبارڪ وتعالي پاڻ سيپاري 14 سُوۡرَةُالنَّحۡل جي آيت نمبر18 ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

وَ اِنۡ تَعُدُّوۡا نِعۡمَةَ اللّٰهِ لَا تُحۡصُوۡهَا ؕ **ترجَمہ کنز الایمان:** ۽ جيڪڏهن اللّٰه جُون نِعمتُون ڳڻيو تہ اُنهن جو شُمار ڪري نہ سگهندؤ .

(پ۱۴،نحل،۱۸)

يعني ٻانهي جي تخليق ۾ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جون جيتريون نعمتون آهن جيئن تندرست بدن، آفتن کان محفوظ جسم، صحيح اکيون، عقلِ سَليم اهڙي سماعت جو شين کي سمجهڻ ۾ مددگار آهي هٿن جو پڪڙڻ، پيرن جو هلڻ وغيره ۽ جيتريون نعمتون ٻانهي تي فرمايون آهن، جيئن ٻانهي جي ديني ۽ دنيوي ضرورتن جي پورائي جي لاءِ پيدا ڪيل تمام شيون اهي ايتريون وڏيڪ آهن جو انهن جو شُمار ممڪن ئي ناهي ايستائين جو جيڪڏهن ڪو اللّٰه تعالي جي ننڍڙي نعمت جي معرفت حاصِل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري تہ اهو حاصل نہ ڪري سگهندو تہ انهن نعمتن جي ڇا ڳالھ ڪجي جنهن کي تمام مخلوق گڏجي ڪري بہ شمار نٿي ڪري سگهي، ان ڪري اللّٰه تعاليٰ ارشاد فرمايو جيڪڏهن توهان اللّٰه تعالي جي نعمتن کي شمار ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو ۽ ان ڪم ۾ پنهنجيون زندگيون لڳائي ڇڏيو تہ بہ ان قادر نٿا ٿي سگهو. (خازن ،النحل، تحت الاية:۱۸،۳/۱۱۷)(صراط الجنان ،ج۵،ص۲۹۲) ان ڪري اسان کي گهرجي تہ اسان اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي هر نعمت تي ان جو شڪر ادا ڪيون ان جي نافرماني کان بچون چوتہ نعمت تي شڪر اَدا ڪرڻ سان نعمتن ۾ وڏيڪ اضافو ٿيندو آهي،جيئن تہ حضرت سَيدُنا عُطارِد قُرَشي رَضِیَ اللّٰه تَعَالٰی عَنْه کان مَروِي آهي تہ حُضورِ اڪرم نُورِمُجسم صَلَّی اللّٰه تَعَالٰی عَلَیه وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: اللّٰه عَزَّوَجَلَّ پنهنجي ٻانهي کي شڪر جي توفيق عطا فرمائي ٿو تہ پوءِ ان کي نعمت جي اضافي کان محروم ناهي ڪندو چوتہ ان جو فرمانِ عالي شان آهي.

www.dawateislami.net

لَئِنۡ شَکَرۡتُمۡ لَاَزِیۡدَنَّکُمۡ
(پ۱۳،ابراهيم:۷)

**ترجمو کنز الايمان** : جيڪڏهن احسان مڃندو تہ مان توهان وڌيڪ ڏيندس .

(شُعبُ الايمان، للبيهقي، باب في تعديد نعم الله، الحديث:۴۵۲۶،ج۴ص۱۲۴)

حضرتِ سَيدُنا علي بن صَالِح رَحۡمَةُ الله تَعَالٰی عَلَيه فرمائن ٿا : ”هن (آيت) مان مراد هي آهي تہ جيڪڏهن توهان اطاعت وعبادت سان منهنجو شڪر ادا ڪندو تہ مان نعمتن ۾ اضافو ڪندس“ (تفسير طبري،پ۱۳،ابراهيم،تحت الاية۷،الحديث:۲۰۵۸۵،ج۷،ص۴۲۰)

## شُڪر جي حقيقت

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! شڪر جي حقيقت هي آهي تہ نعمت ڏيڻ واري جي نعمت جو ان جي تعظيم سان گڏ اعتراف ڪري ۽ نفس کي ان شيء عادي بڻائي. هتي هڪ مدني گل هي آهي تہ ٻانهو جڏهن الله تعاليٰ جي نعمتن ۽ ان جي طرح طرح جي فضل وڪرم ۽ اِحسان جو مطالعو ڪندو آهي تہ ان جي شڪر ۾ مشغول ٿيندو آهي، ان سان نعمتن ۾ گهٽائي ٿيندي آهي ۽ ٻانهي جي دل ۾ الله تعاليٰ جي محبت وڌندي ويندي آهي اهو مقام نهايت مٿانهون آهي ۽ ان کان اعليٰ مقام هي آهي تہ نعمت ڏيڻ واري جي محبت ايستائين غالب ٿي وڃي جو دل جو نعمتن ڏانهن ميلان باقي نہ رهي، اهو مَقام صِدّيقن جو آهي. (صراط الجنان،ج۵،ص۱۵۳،بتغير قليل)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هن ۾ شڪ جي ڪو گنجائش ناهي تہ ٻانهو ڪنهن وَقۡت ، ڪنهن لمحي، ڪنهن بہ حالت ۾ پنهنجي خالِق و مالڪ عَزَّ وَجَلَّ جي بيحد ۽ بي عَدد نعمتن کان لاتَعلُّق نٿو ٿي سگهي. ان ڪري جيڪڏهن ڪو آزمائش جي گهڙي اچي، يا ڪو نِعۡمت خَتم ٿي وڃي، تڏهن بہ الله عَزَّ وَجَلَّ جي بيون لا تَعۡداد نِعۡمتون تہ مَوۡجُوۡد هونديون آهن. لهٰذاعقلمند

اهو ئي آهي جيڪو اهڙين گهڙين ۾ صَبْر جو دامن نہ ڇڏي ۽ رِضاءِ اِلٰهي جي خاطر ان کي برداشت ڪري، اهڙن موقعن تي صَبْر جو مُظاهرو ڪرڻ بہ رَحْمت جو سبب آهي اچو! هن باري ۾ چار (4)فَرامينِ مُصْطفي صَلَّى الله تَعَالٰى عَلَيه واٰلِہٖ وَسَلَّم پڙهون ۽ عمل جو جَذبو پيدا ڪيون .

(1) بہ (2) خصلتون اهڙيون آهن اهي جنهن ۾ هونديون الله عَزَّوَجَلَّ ان کي صابر ۽ شاڪر لکندو ۽ جنهن ۾ نہ هونديون نہ ان کي شاڪر لکندو ۽ نہ ئي صابر (اهي بہ خصلتون هي آهن) (١) جيڪو پنهنجي دِين ۾ پاڻ کان مٿي واري کي ڏسي ان جي پيروي ڪري ۽ دنيوي معاملي ۾ پاڻ کان هيٺ واري کي ڏسي ۽ الله عَزَّوَجَلَّ ان کي ان شخص تي جيڪا فضليت ڏني آهي ان تي الله عَزَّوَجَلَّ جو شڪر ادا ڪري تہ الله عَزَّوَجَلَّ ان کي صابر ۽ شاڪر لکندو آهي (٢) جيڪو دِين ۾ پاڻ کان هيٺ واري کي ڏسي ۽ دنيوي معاملي ۾ مٿي واري کي ڏسي پوءِ پنهنجي محرومي تي افسوس ڪري تہ الله عَزَّوَجَلَّ نہ ان کي صابر لکندو آهي ۽ نہ ئي شاڪر.(جامع الترمذي،٢٢٩/٤،حديث: ٢٥٢٠)

(2) الله تعاليٰ جڏهن ڪنهن قوم سان ڀلائي جو اِرادو ڪندو آهي تہ ان جي عُمر وڌي ڪندو آهي ۽ انهن کي شڪر جو اِلْهام ڪندو آهي. (فردوس الاخبار، باب الالف، جماع الفصول منه في معاني شتي۔۔ الخ، ١٤٨/١، حديث: ٩٥٤)

(3) جنهن کي الله عَزَّوَجَلَّ ڪو نعمت عطا فرمائي پوءِ اهو پانهو ان نعمت کي باقي رکڻ چاهي تو تہ ان کي کپي تہ لَاحَوْلَ وَلَا قُوَّةَ اِلَّابِاللّٰه جي ڪثرت ڪري. (معجم ڪبير، ٣١٠/١٧، ٨٥٩)

(4) جڏهن الله تعاليٰ پنهنجي ٻانهي تي ڪا نعمت نازل ڪندو آهي ۽ اهو چوندو آهي: ”اَلْحَمْدُ لِلّٰه“ تہ اهي جملا الله عَزَّوَجَلَّ وٽ ان کي نعمت ڏيڻ کان بهتر هوندا آهن. (ابن ماجه، ڪتاب الادب، باب فضل الحامدين، ٢٥٠/٤،حديث: ٣٨٠٥)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان تہ اسان جي پياري آقا، امامُ الانبياء

صَلَّي الله تَعَالٰي عَلَيه وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اسان غلامن سان ڪيتري قدر مَحبت ڪن ٿا ۽ ڪيتري پياري انداز ۾ اسان کي نعمتن جو شڪر ادا ڪرڻ جو طريقو ارشاد فرمائي رهيا آهن تہ هڪ انسان کي گهرجي تہ اهو دنيوي مُعاملن ۾ پاڻ کان گهٽ مرتبي وارن کي ڏسي ڪري الله عَزَّوَجَلَّ جو شڪر ادا ڪري جڏهن تہ ديني مُعاملن ۾ پاڻ کان وڏي مرتبي واري کي ڏسي ان جهڙو ٿيڻ جي ڪوشش ڪري ۽ ان سان گڏوگڏ نعمت کي محفوظ رکڻ جو وظيفو بہ ارشاد فرمائي ڇڏيو تہ لَاحَول شريف جي ڪثرت ڪري. لهٰذا انسان کي گهرجي تہ پاڻ کان وڏن مالدارن کي ڏسي افسوس نہ ڪري تہ اهي نعمتون مون وٽ ڇو نہ آهن بلڪ الله عَزَّوَجَلَّ جيڪي نعمتون عطا ڪيون آهن انهن کي بہ معمولي نہ سمجهي ۽ پاڻ کان وڌيڪ مفلس ۽ غريب ماڻهن کي ڏسي رضاءِ الٰهي تي راضي رهندي صبر ۽ شڪر سان زندگي گذاري ۽ هن طرح ذِهن بنائي تہ جيڪڏهن الله عَزَّوَجَلَّ ڪنهن کي اسان کان وڌيڪ نعمتون عطا ڪيون آهن تہ ان ۾ ان جي ڪا حڪمت ضرور پوشيده هوندي، ٿي سگهي ٿو جيڪڏهن اهي نعمتون مون کي عطا ڪيون وڃن ها تہ شايد منهنجو نفس سرڪش ٿي وڃي ها ۽ انهن نعمتن جي ناقدري ڪندي ان تي شڪر اَدا ڪرڻ جي بدران ناشڪري جي آفت ۾ مبُتلا ٿي وڃي ها. جيڪڏهن اسان هن طرح ذِهن بنايون تہ اِنْ شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ ناشڪري کان بچڻ ۾ ڪامياب ٿينداسين.

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** عموماً انسان جي فطرت (Nature) ۾ هي ڳالهہ شامل هوندي آهي تہ اهو خوشين جي لمحات ۾ تہ نعمتن کي خوب ياد رکندو آهي ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جو شڪر ادا ڪندو آهي پر جئين ئي معمولي مصيبتن، پريشانين ۽ تڪليفن جو دروازه کولندو آهي تہ اهو الله عَزَّوَجَلَّ جي نعمتون ۽ ان جي نوازشن کي هڪدم وساري ناشڪري جا لفظ پنهنجي واتان ڪڍڻ لڳندو آهي جڏهن تہ اسان جي اَسلاف جو هي حال هو جو بيماري هجي يا تندرستي، آساني هجي يا دشواري، خوشي هجي يا غمي هر حال ۾ الله عَزَّوَجَلَّ جا شڪرگذار رهندا هئا.

www.dawateislami.net

## شڪرگذار ٻانهو

دعوتِ اسلامي جي اِشاعَتي اِداري مڪتبةُ المدينہ جي شايع ٿيل 303 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”لڙڪن جو دريا“ صفحي 211 تي آهي تہ دمشق جو هڪ شخص جنهن جو نالو ابو عبدالرّب هو ۽ هو پوري دمشق ۾ سڀ ڪان وڌيڪ مالدار هو، هڪ دفعي هو سفر لاءِ روانو ٿيو تہ هن ڪي هڪ ندي جي ڪناري ڪنهن چراهگاهہ ۾ رات ٿي وئي تہ هو اتي ئي ترسي پيو. انهيءَ ڪي چراهگاهہ جي هڪ پاسي ڪان هڪ آواز ٻڌڻ ۾ آيو تہ ڪو ڪثرت سان **الله** عَزَّوَجَلَّ جي حمد ڪري رهيو هو، هو شخص انهيءَ آواز جي تلاش ۾ نڪتو تہ ڏٺائين تہ هڪ شخص تڏي ۾ ويڙهيل آهي، هن انهيءَ شخص ڪي سلام ڪيو ۽ ان ڪان پڇيو: توهان ڪير آهيو؟ ان شخص جواب ڏنو: هڪ مسلمان آهيان، هن دمشقي ان ڪان پڇيو: اوهان اها ڪهڙي حالت ٺاهي آهي؟ ان جواب ڏنو: اها نعمت آهي جنهن جو شڪر ڪرڻ مون تي واجب آهي، دمشقي چيو: تون تڏي ۾ ويڙهيل آهين اها ڪهڙي نعمت آهي؟ ان چيو: **الله** تعالٰي مون ڪي پيدا فرمايو، منهنجي تخليق ڪي بهتر ڪيو ۽ منهنجي پيدائش و پرورش ڪي اسلام ۾ رکيو ۽ منهنجي عضون ڪي تندرست ڪيو ۽ جن شين جو ذڪر مون ڪي ناپسند آهي انهن ڪي لڪايو تہ جيڪو مون وانگر شام ڪندو هجي انهيءَ ڪان وڌيڪ نعمت ۾ ڪير هوندو؟ اهو دمشقي چوي ٿو تہ مون ان ڪي چيو: **الله** عَزَّوَجَلَّ اوهان تي رحم فرمائي، اوهان مون سان گڏ هلڻ پسند فرمائيندا، اسان اتي ئي اوهان جي ويجهو ندي جي ڪناري ترسيل آهيون؟ انهيءَ شخص چيو: ڇو؟ هن چيو: انهيءَ لاءِ جو اوهان ڪجهہ ڪاڌو وغيره ڪائي ونو ۽ اسان اوهان جي خدمت ۾ ڪجهہ اهڙيون شيون پيش ڪريون جيڪي اوهان ڪي تڏي ۾ ويڙهجڻ ڪان بي نياز ڪري ڇڏين. ان چيو: مون ڪي انهن شين جي ڪا ضرورت نہ آهي. اهو چئي ان مون سان گڏ هلڻ ڪان انڪار ڪري ڇڏيو ۽ آئون واپس موٽي آيس. (انهيءَ جون ڳالهيون ٻڌڻ ڪانپوءِ) مان پاڻ ڪي حقير سمجهڻ لڳس، مون (پنهنجي دل ۾) چيو: مون دمشق ۾ پاڻ ڪان وڌيڪ مالدار ڪونہ ڏٺو پوءِ بہ آئون وڌيڪ جي تلاش ۾

آهيان، پوءِ مون بارگاهِ خداوندي ۾ عرض ڪيو: اي **الله** عَزَّوَجَلَّ! آئون تنهنجي بارگاهه ۾ پنهنجي هن حال کان توبهه ڪريان ٿو، ائين مون توبهه ڪري ورتي ۽ ڪنهن کي ڪا خبر نه پئي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** ڏٺو اوهان ته الله عَزَّوَجَلَّ جو اهو نيڪ ٻانهو آبادي کان پري وِيراني ۾ فراسي ۾ لپيٽيل هو ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جي ذِڪر ۽ ان جي تعريف ۽ توصيف ۾ مشغول هو جڏهن دمشقي ان کان ان حالت ۾ رهڻ جي وجه پُڇا ڪئي ته قُربان وڃجي ان الله عَزَّوَجَلَّ جي نيڪ ٻانهي شڪوي شڪايت جون ڳالهيون ۽ پنهنجا ڏک ٻڌائڻ جي بدران الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا تي راضي رهندي شڪرِالٰهي ادا ڪيو ۽ ان جو ذاتِ باري تعالىٰ تي تَوڪل به نهايت زَبردَسْت ۽ لائقِ تقليد هو ته جڏهن دمشقي ان کي مختلف سهولتن جي پيشڪش ڪئي ۽ پاڻ سان گڏ هلڻ جو چيو ته ان خود دار شخص صاف صاف انڪار ڪري ڇڏيو. اسان کي به گهرجي ته الله تَبارَڪ وتعالىٰ اسان کي جن جن نعمتن سان نوازيو آهي ان تي راضي رهندي ان جو شڪر ادا ڪيون ڇوته نعمت تي شڪر ڪرڻ جي توفيق ملڻ به هڪ نعمت آهي. حضرت موسيٰ عَلٰى نَبِيِّنَا وَ عَلَيهِ الصَّلوٰةُ وَالسَّلَام عرض ڪيو: ياالله! مان تنهنجو شڪر ڪيئن ادا ڪيون ته منهنجو شڪر ڪرڻ به ته تنهنجي هڪ نعمت آهي. الله تعالىٰ ارشاد فرمايو: جڏهن تُو اهو ڄاڻي ورتو ته هر نعمت منهنجي طرفان آهي ۽ ان تي راضي رهيو ته اهو ئي شڪر ادا ڪرڻ آهي.(احياء العلوم، كتاب الصبر والشكر، الشطر الثاني، بيان طريق كشف الغطاء ـــ الخ، ۱۰۵/۴)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ”شڪر ڪے فضائل“ جو تعارف

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** شڪر جا وڏيڪ فضائل وفوائد ۽ دِلچسپ معلومات (Interesting information) حاصل ڪرڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي اِشاعتي اِداري

مڪتبةُ المدينہ جي شايع ٿيل ڪتاب ”شڪر جا فضائل“ جو مُطالعو ڪيو. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ هن ڪتاب ۾ بُزرگن جو اندازِ شڪر، اَداءِ شڪر جا طريقا، شڪر گذارن جون حڪايتون، نعمت ۾ اضافي جا سبب، مختلف دعائون، شڪر ادا ڪرڻ جا فضائل ۽ نہ ڪرڻ وارن جي لاءِ وعيدون ۽ ڪيئي مدني گلن کي بيان ڪيو ويو آهي لهٰذا اڄ ئي هن ڪتاب کي مڪتبةُ المدينہ جي بستي تان هدِيةً طَلَب ڪري پاڻ بہ ان جو مُطالَعو ڪيو ۽ ٻين کي بہ پڙهڻ جي ترغيب ڏياريو. دعوتِ اسلامي جي ويب سائٹ www.dawateislami.net تان هن ڪتاب کي رِيڊ (يعني پڙهي) بہ سگهجي ٿو، ڈاؤن لوڊ (Download) ۽ پرنٹ آؤٹ (Print Out) بہ ڪري سگهجي ٿو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! انسان کي زندگي گُذارڻ جي لاءِ جن نعمتن جي ضرورت ٿيندي آهي ان ۾ کائڻ، پيئڻ ۽ رهڻ سهڻ جي علاوه آزاد ملڪ ۽ وطن بہ الله عَزَّوَجَلَّ جي نهايت عظيم نعمت آهي تہ جتي اهو پنهنجي گهرواري، ٻارن ۽ والِدَين سميت آرام ۽ سُڪون سان زندگي جا ڏينهن گذرايندو آهي، آزادي جي قدر اهي ماڻهو ڄاڻي سگهن ٿا جيڪي غُلامي جي زندگي ۾ طرح طرح جون مَشقتون ڪنيون ۽ ظلم و سِتم برداشت ڪيا هجن. يقيناً اسان سڀ نهايت خوش نصيب آهن تہ الله عَزَّوَجَلَّ پنهنجي ڪرم سان اسان کي هڪ آزاد وطن عطا فرمايو جنهن جو يومِ آزادي اسان هر سال خُوب جوش وجذبي سان ملهايون ٿا. پر ڇا اسان کي هي معلوم بہ آهي تہ هن ڏينهن کي ملهائڻ جو انداز ڪيئن هئڻ گهرجي؟ الله عَزَّوَجَلَّ جي ڏنل ان نعمت جو شڪر ڪهڙي طرح اَدا ڪرڻ گهرجي؟ اهي ڪهڙا ڪم آهن جو جن جي وجہ سان اسان ٻين فُضوليات کان بچي ڪري صحيح معنن ۾ خدا عَزَّوَجَلَّ جي ان نعمت جو ڪماحقہ شڪر ادا ڪري سگهون ٿا؟ اچو ان حوالي سان چند مدني گل ٻڌون ٿا. سڀ کان پهريان اسان کي اهو ڪرڻ گهرجي تہ الله عَزَّوَجَلَّ جي ان نعمت (وطنِ عَزيز)

جي ملڻ تي شڪر ادا ڪندي ان نِعمت جي قدر ڪيون ۽ ان ۾ رهندي ربّ ڪريم عَزَّوَجَلَّ جي نافرماني کان بچندي زندگي گُذاريون. چنانچه حضرت سَيدُنا زِيادبِن عُبيد رَحمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰي عَلَيه کان منقول آهي: نعمت ماڻڻ واري تي الله عَزَّوَجَلَّ جو هڪ حق هي آهي ته اهو ان نعمت جي ذريعي نافرماني جو مرتڪب نه ٿئي. (تاريخ مدينه دمشق لابن عساڪر، زياد بن عبيد،١٩١/١٩)

## يومِ آزادي تي ٿيڻ وارا خُرافات ۽ ان جي مذمّت

پر افسوس صد افسوس! عموماً اها ڳالهه ڏسڻ ۾ ايندي آهي ته ڪي ماڻهو ان يوم آزادي جي مَوقعي تي به پنهنجي ربّ عَزَّوَجَلَّ جي نافرماني ڪندي، خُوب بي حَيائي جو بازار گرم ڪندا ۽ ماڻهن جا حق پامال ڪندا آهن ۽ طرح طرح جا گناه ڪري پنهنجي ڪريم ربّ عَزَّوَجَلَّ کي ناراض ڪرڻ جا اسباب خُود ئي پيدا ڪندا آهن ياد رکو ته جن قومن عيش و عشرت ۾ پئجي الله عَزَّوَجَلَّ جون نافرمانيون ڪيون اهي بربادي جي کڏ ۾ ڪرنديون هليون ويون. جيئن دعوتِ اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينه جي مطبوعه تفسير''صراط الجنان''جلد 4صفحه 27 تي ڪجهه ائين بيان ٿيو آهي:

## قومن جي عُروج و زَوال جي متعلق قانونِ الٰهي

قُدرت جو هي قانون آهي ته ڪنهن قوم کي نعمت ڏئي ان وقت تائين ان نعمت کي عذاب ۾ تبديل ناهي ڪيو ويندو جيستائين اها قوم پاڻ پنهنجين بد اعمالين جي وجه سان پنهنجي پاڻ کي ان نعمت جو نا اهل ثابت نه ڪن. اڳوڻين ۽ موجوده قومن جي عُروج و زوال جي لاءِ اهو ئي اَٽل قانون آهي ته نعمت جو شڪر ۽ حق اَدا ڪرڻ تي نعمت وڌي ويندي آهي ۽ ناشڪري ڪرڻ تي سزا ڏني ويندي آهي. هتي اها ڳالهه ياد رهي ته قُدرت جو هي قانون صرف غيرمسلم قومن سان گڏ ئي خاص ناهي بلڪ مسلمان به جيڪڏهن انهيءَ رَوِش تي هليا ته الله عَزَّوَجَلَّ انهن کان به پنهنجي ڏنل نعمتون واپس وٺندو آهي ۽ انهن کي به ذلت ۽ رُسوائي کي منهن ڏيڻو پوندو آهي جيئن ته مسلمانن

جي عُروج و زَوال جي اَسباب جي معرفت رکڻ واري بخوبي ڄاڻن ٿا تہ جيستائين مسلمان الله عَزَّوَجَلَّ جي ڏنل نعمتن ۾ انھن جو حق اَدا ڪندو رھي تيستائين عُروج جي انھن مَنازِل تي فائز رھي تہ دنيا جي وڏا وڏا سپر پاور انھن جي زيرِ حڪومت رھيا ۽ غير مسلم مسلمانن جو نالو ٻڌي ڌڪي ويندا ھئا ۽ جڏھن کان مسلمانن نعمت جو شڪر ۽ ان جي حق جي اَدائيگي کان پاسو ڪيو تڏھن کان انھن جي طاقت ۽ غير مسلمن تي تَسلُّط ختم ٿيڻ شُروع ٿي ويو. (صراط الجنان: ۴/۲۷, بتغير قليل)

جو ڪچھ بہ ھيں سب اپنے ھي ھاتھوں کے ھيں کر تُوت شڪوه آھي زمانے جو نہ قسمت جو گلہ آھي
ديکھے ھيں يہ دن اپني ھي غفلت جي بدولت سچ آھي تہ بُرے ڪام جو انجام بُرا آھي

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## يومِ آزادي ۾ ڳائڻ وڄائڻ

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! يومِ آزادي جي موقع تي ٿيڻ وارن خُرافات مان ھڪ خرابي ھي آھي تہ بعض نادان ماڻھو ان ڏينھن مَعَاذَ الله عَزَّوَجَلَّ ڳائڻ وڄائڻ ۾ بيباڪ نظر ايندا آھن ۽ حيا جو پردو چاڪ ڪري خُوب نچندا ۽ گُناھن ڀريون محفلون سجائيندا آھن ۽ حُقُوقُ العباد کي پامال ڪندي روڊن کي بلاڪ (Block) ڪري چوڪرا ۽ بي پرده چوڪريون پنگڙو وجھڻ ۾ بہ شرم محسوس ناھن ڪندا اھڙي طرح ادھم بازي ڪندي، بعض اوقات اوچتو مَوت جو شڪار ٿي ويندا آھن ۽ بدقسمتي سان تَوبہ جي تَوفيق بہ نصيب ناھي ٿيندي. اچو ان باري ۾ ھڪ دل خَراش واقعو ٻڌون ٿا

## ڊانس ڪندي موت

مَرڪزُ الاولياء (لاھور) ۾ جَشنِ آزادي جي موقعي تي ڪجھ دوستن ملي ھڪ بس بُڪ ڪئي ۽ ان تي ميوزڪ سسٽم (Music System) لڳائي مختلف

جڳهن تي بس روڪي ڪجھ دير نچندي ڳائيندي ۽ پوءِ بس تي سوار ٿي اڳتي وڌندا هئا .بس جي ڇت تي بہ بعض نوجوان خُوب شور شرابو ڪندي وڃي رهيا تہ اوچتو بس هڪ بيريئر سان ٽڪرائي ۽ انهن مان 4 نوجوان هلاڪ ٿي ويا.

وہ ہے عیش و عشرت کا کوئی محل بھی جہاں تاک میں ہر گھڑی ہو اَجَل بھی
بس اب اپنے اِس جہل سے تُو نکل بھی یہ جینے کا انداز اپنا بدل بھی
جگہ جی لگانے کی دنیا نہیں ہے یہ عبرت کی جا ہے تماشا نہیں ہے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هن واقعي کي پڙهي انهن ماڻهن کي ڊڄڻ گهرجي جيڪي يومِ آزادي جي موقعي تي طُوفانِ بدتميزي برپا ڪندا آهن، ٿورو سوچيو تہ سهي جيڪڏهن انهيءَ حالت ۾ موت آڳئي تو اللّٰه عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جي رسول صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیہ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي ناراضي ۽ دُنيا و آخِرت جي بربادي جي علاوه ڪجھ نہ ورندو، اچو هاڻ احاديثِ مُبارَڪ مان ڳانن باجن جي جيڪا مَذمَّت بيان ڪئي وئي آهي اها پڙهون ٿا جيڪڏهن اسان مان ڪو ڳانا ٻڌڻ جو عادي آهي تہ ان کي هٿو هٿ سچي تَوبہ بہ ڪرڻ گهرجي .

## ڪنن ۾ پگهريل سيسو

جيڪو شَخُص ڪنهن ڳائڻ واري وٽ ويهي ڳانو ٻڌي ٿو قِيامت جي ڏينهن اللّٰه عَزَّوَجَلَّ ان جي ڪنن ۾ پگهريل شيهو وجهندو. (کنزُ العُمّال ج ١٥ ص ٩٦،حدیث٤٠٦٦٢)

ڳانن باجن ڪان پاڻ کي بچاؤ چوتہ اهي شهوت کي اڀاريندا آهن ۽ غيرت کي برباد ڪندا آهن ۽ هي شراب جي قائم مقام آهن، ان ۾ نشي جهڙي تاثير آهي. (شعب الأيمان ج٤ص٢٨٠ حديث٥١٠٨)

گانو ۽ لَهو دل ۾ اهڙي طرح نِفاق پيدا ڪري ٿو جهڙي طرح پاڻي سبزه اڳائي ٿو . قسم آهي ان مقدس ذات جي جنهن جي قبضۂ قدرت ۾ منهنجي جان آهي! بيشڪ قرآن ۽ ذِڪرُالله ضَرور دل ۾ اهڙي طرح ايمان اڳائي ٿو جهڙي طرح پاڻي سبز گاهه اُڳائي ٿو. (الْفردوس بمأثور الْخطاب ج٣ص١١٥ حديث٤٣١٩)

حضرت علامہ شامي رَحمَةُ الله ِتَعَالٰی عَلَيه فرمائن ٿا: نچڻ ،مذاق اُڏائڻ، تاري وڄائڻ، سِتار جو تار وڄائڻ، بَربَط، سارَنگي، رَباب، بانسري ،جهانجهر، بِگل وڄائڻ، مڪروه تحريمي( يعني قريب به حرام) آهي ڇوته اهي سڀ غيرِ مُسلمن جو شِعار آهي، ۽ بانسري ۽ ٻين سازن جو ٻڌڻ به حرام آهي جيڪڏهن اوچتو ٻڌي ورتو ته معذور آهي ۽ ان تي واجِب آهي ته نه ٻڌڻ جي پوري ڪوشِش ڪري.

(رَدُّ الْمُحتار ، ڪتاب الحظر والاباحة، باب في البيع،٩ /٦٥١,بتغير)

مجهے ناچ گانے سے نفرت عطا هو مِري مغفرت بے حساب اے خدا هو

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## يومِ آزادي ۾ هوائي فائرنگ:

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بعض واهيات قسم جا نوجوان هن ڏينهن خطرناڪ طريقي سان موٽر سائيڪل هلائيندا آهن ۽ ان جي نتيجي ۾ حادثات جو شڪار ٿي بعض شديدزخمي ٿي ويندا آهن ، ته بعض سڄي زِندَگي جي لاءِ هٿن پيرن کان معذور ٿي ٻين جا مُحتاج ٿي ويندا آهن ۽ بعض زِندَگي جي بازي هاري ويندا آهن. اهڙي طرح بعض نادان خُوشي جي انهن لمحن کي غلط طريقي سان ملهائڻ جي لاءِ هوائي فائرنگ به ڪندا آهن جنهن سان نه صرف ٻين جي جان ومال کي نُقصان پهچندو آهي بلڪ بعض اوقات ان بُري ڪم جي انجام ۾ ماڻهو پاڻ پنهنجي جان به وڃائيندو آهي .بالفرض فائرنگ سان جيڪڏهن ڪنهن قسم جو ڪو جاني ۽ مالي نقصان نه به ٿئي پر ان جي آواز

سان گهرن ۾ ستل بارن بيمارن ۾ ڪيئي ماڻهن کي تڪليف ته ضرور ٿيندي آهي ۽ مسلمان کي تڪليف ڏيڻ ناجائز ۽ حرام آهي. سَروَرِ ڪائنات، شاهِ مَوجُودات صَلَّي الله تَعَالٰي عَلَيه وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمانِ عبرت نشان آهي: ”جنهن (بِلاوجه شَرعي) ڪنهن مُسلمان کي اِيذاء ڏنو اُن مون کي اِيذاء ڏنو ۽ جنهن مون کي اِيذاء ڏنو اُن الله عَزَّوَجَلَّ کي اِيذاء ڏنو.“ (مُعْجَمُ الاَ وْسَط لِلطَّبَرَانِي، ٢/٣٨٦، حديث:٣٦٠٧)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## بدنگاهي ڪرڻ وارا نادان

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جَشنِ آزادي جي موقعي تي بعض نوجوان تفريحي هنڌن جو رُخ ڪندا آهن جتي بي پرده عورتن ۽ مردن جي مخلوط(Mix) ماحول ۾ بدنگاهي جي سبب پنهنجي اکين کي حَرام سان پر ڪندا آهن ۽ انهيءَ ڳالهه جو بالڪل احساس ناهي هوندو ته غير مَحرم عورت کي ڏسڻ اِنسان جو نه بلڪ شيطان جو ڪم آهي. جيئن ته حضرت سيدُنا عبدُالله بن مَسْعُود رَضِي الله تَعَالٰي عَنْه کان مَروِي آهي ته حُضُور نبي پاڪ،صاحبِ لَوْلاڪ صَلَّي الله تَعَالٰي عَلَيه واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمانِ عبرت نشان آهي: اَلْمَرْاَةُ عَوْرَةٌ فَاِذَا خَرَجَتْ اِسْتَشْرَفَهَا الشَّيْطَانُ. عورت (يعني لڪائڻ جي شي) آهي جڏهن اها نڪرندي آهي ته شيطان ان کي جهاتيون پائي ڏسندو آهي.[1] ۽ حُجَّةُ الْاِسْلَام حضرت سيدُنا امام محمد غزالي رَحْمَةُ الله تَعَالٰي عَلَيه فرمائن ٿا: جيڪو ماڻهو پنهنجي اکين کي بَند ڪرڻ تي قادر ناهي هوندو اهو پنهنجي شرمگاه جي بہ حفاظت نٿو ڪري سگهي.[2]

## اکين جو زنا

حضرت سيدُنا عبدُالله بن مَسْعُود رَضِي الله تَعَالٰي عَنْه کان مَروِي آهي ته تاجدارِ

---

[1] ترمذی، کتاب الرضاع، باب:١٨، ٢ /٣٩٢، حدیث:١١٧٦

[2] احیا ء علوم الدین،کتاب کسرالشھوتین،٣ /١٢٥

www.dawateislami.net

رِسالت، شهنشاه نبوت صَلَّى الله تعالٰی علیه واٰلهٖ وسلَّم جو فرمانِ عِبرَت نشان آهي: اَلْعَيْنَانِ تَزْنِيَانِ. اکيون به بدڪاري ڪنديون آهن.(1)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! في زمانہ ٻاهر جو ماحول اِنتهائي خَراب آهي بدنِگاهي کان بچڻ نهايت دُشوار ٿي ويو آهي، هر پاسي بي پردگي جو دَور عام آهي. اهڙي ۾ جيڪڏهن اسان هر هڪ کي پرده نٿا ڪرائي سگهون ته گهٽ مان گهٽ پاڻ پنهنجي اکين جي حِفاظت جي لاءِ ته اهو ذهن بڻائي سگهون ٿا ته ڪا عورت جيڪڏهن بي پردگي اختيار ڪري الله عَزَّوَجَلَّ جي نافرماني جي مُرتَڪب ٿي به رهي آهي ته اسان ڇو بدنگاهي جي ذريعي الله عَزَّوَجَلَّ جي نافرماني جا سزاوار ٿي رهيا آهيون ؟ حالانڪ اسان کي ته الله عَزَّوَجَلَّ نِگاهون هيٺ رکڻ جو حڪم ڏنو آهي.زهي نصيب جيڪڏهن اکين جي حِفاظت جي عادت بڻائڻ جي لاءِ سمهڻ جي اَوقات جي عِلاوه گهٽ ۾ گهٽ 12 منٽ اکيون بند رکڻ جي سَعادَت حاصِل ٿي وڃي ته مدينہ مدينہ. ان دوران فُضُول نہ ويهون بلڪ آخِرَت جي باري ۾ غور وفڪر ڪندا رهون، اِيمان جي سلامتي، سَڪرات جي سختين ۽ قَبْر وحَشْر جي اَحوال جي مُتَعَلِّق غور وفڪر ڪيو، ڪڏهن جنّت جو ته ڪڏهن جهنّم جو تصوّر ڪيو، الله عَزَّوَجَلَّ جي عطا ڪيل نعمتن تي غور ڪيو، پنهنجن گناهن کي ياد ڪري تَوبہ به ڪيو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## شراب نوشي ڪرڻ وارا نادان

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! يومِ آزادي جي موقع تي ٿيڻ وارين برائين مان هڪ برائي هي به آهي ته ماڻهو آزادي جو جَشن مَلهائڻ جي آڙ ۾ شريعت جي احڪامن جي پامالي ڪندي ۽ مَعَاذَ الله عَزَّوَجَلَّ فنڪشنز(Functions) ۾ شرابن جا جام پيئندا پيئاريندا آهن، حالانڪ شراب نوشي هڪ ڪبيره گناه ۽ جهنّم

[1] مسند احمد، ۲/ ۸۴، حديث: ۳۹۱۲

۾ ونص وجھڻ وارو ڪم آهي احاديثِ مُبارَڪہ ۾ هن جي مَذمّت بيان ڪئي وئي آهي

## شراب جي هڪ ڍڪ جو عذاب

تاجدارِ نُبُوّت ،ماهِ رِسالت صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمانِ عبرت نشان آهي، ”اللّٰه عَزَّوَجَلَّ مون کي تمام دنيا وارن جي لاءِ رحمت ۽ هدايت بڻائي ڪري موڪليو آهي، مون کي ان لاءِ موڪليو ويو آهي تہ مان **ڳائڻ وڄائڻ** جا اوزار ۽ جاهليت جي ڪمن کي مٽائي ڇڏيان، منهنجي پروردگار عَزَّوَجَلَّ پنهنجي عزّت جو قسم ياد ڪري فرمايو آهي، منهنجو جيڪو ٻانهو **شراب** جو هڪ ڍڪ بہ پيئندو، مان ان کي ان جهڙو **جهنم جو ٽهڪندڙ** پاڻي پياريندس۔“
(معجم کبير للطبراني ، ٨ /١٩٧،حديث : ٧٨٠۴ )

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** اسلام شراب پيئڻ کي جيڪو حرام قرار ڏنو آهي ان ۾ بيشمار حڪمتون آهن، هاڻي غير مسلم بہ ان جو نقصان تسليم ڪرڻ لڳا آهن، جيئن تہ هڪ غير مسلم **محقق** جي تاثرات جي مطابق شروع ۾ تہ انساني جسم شراب جي نقصانن جو مقابلو ڪري ويندو آهي ۽ شرابيءَ کي وڻندڙ ڪيفيت ملي ويندي آهي پر جلد ئي داخلي (يعني جسم جي اندروني) برداشت واري قوت ختم ٿي ويندي آهي ۽ لڳاتار هاڃيڪار اثر پوڻ شروع ٿيندا آهن. شراب جو سڀ کان گهڻو اثر **جيري (جگر)** تي پوندو آهي ۽ اهو سُسڻ لڳندو آهي، **گُردن (بڪين)** تي واڌارو بار پوندو آهي، جيڪي آخرڪار بيحال ٿي ڪري ناڪاره (يعني Fail) ٿي ويندا آهن، ان کان سواءِ شراب جي استعمال جي گهڻائي **دماغ** کي سُجائي ڇڏيندي آهي، مشڪون (يعني رڳون) ساٽيون ٿي پونديون آهن نتيجي طور مشڪون ڪمزور ۽ پوءِ تباهہ ٿي وينديون آهن، شرابي جي **معدي** ۾ سوڄ ٿي ويندي آهي، **هڏيون** نرم، ۽ ڪمزور ٿي وينديون آهن، شراب جسم ۾ موجود **وٽامنز** جي ذخيرن کي تباهہ ڪري ڇڏيندو آهي، وٽامن B ۽ C ان جي

تباھڪاري جو خاص طور تي نشانو بڻجندا آھن. شراب سان گڏوگڏ جيڪڏھن تماڪ (يعني سگريٽ) جو استعمال ڪيو وڃي تہ اھو ان جي ھاجيڪار اثرن ڪي تمام گھڻو وڌائي ڇڏيندو آھي ۽ **ھاءِ بلڊ پريشر، اسٽروڪ ۽ دل جي دؤري** جو شديد خطرو رھندو آھي، گھڻو شراب پيئندڙ **ٿڪاوٽ، متلي جي سور**، دل ڪچي ٿيڻ (التيون اچڻ واري ڪيفيت) ۽ **اڄ جي شدّت** ۾ مبتلا رھندو آھي. تمام گھڻو شراب پيئڻ سان دل ۽ عملِ تنفس (**يعني ساھ کڻڻ جو عمل**) رڪجي ويندو آھي ۽ شرابي ٿُرت ئي موت جو شڪار ٿي ويندو آھي.

(فيضان سنت :٤٢٥، ٤٢٦)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## شراب نوشي ڇڏڻ جي فضيلت

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** ڏٺو اوھان تہ شراب جي ڪيتري قدر نُحوست آھي جو ھن ڪي پيئڻ واري جي دنيا وآخرت برباد ٿي ويندي آھي جڏھن تہ ان بر عڪس جيڪو شراب کان پاسو اِختيار ڪري ۽ ھن بُرائي کان پري رھي تہ الله عَزَّوَجَلَّ اُن تي اھو انعام فرمائيندو جو ان کي جنّت جي پاڪيزه شراب پياريندو جيئن تاجدارِ رِسالت، شھنشاه نُبوت صَلَّي اللّٰہ تَعَالٰي عَلَيه وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ اِرْشاد فرمايا: منھنجي پَرْوَرْدْ گار عَزَّوَجَلَّ پنھنجي عزّت جي قسم ياد ڪري فرمايو آھي منھنجو جيڪو ٻانھو منھنجي خوف کان **شراب پيئڻ** ڇڏي ڏيندو، مان ان کي جنّت ۾ سٺن دوستن سان گڏ (**پاڪيزه شراب**) پياريندس.“ (معجم كبير للطبراني ، ٨ /١٩٧،حديث : ٧٨٠٣ )

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## حُسنِ اخلاق جي فضيلت:

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** اي ڪاش ائين ٿئي جو ھن يومِ آزادي ڪي اسان عبادت و رياضت ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جي خُوشنودي وارن ڪمن ۾ گذاريون ۽ صرف

هن ڏينهن ٿي نہ بلڪ سڄي زندگي ڪنهن کي ڪا تڪليف ڏيڻ تہ پري جي ڳالهہ شڪايت جو موقعو بہ نہ ڏيون ۽ اُخوّت و ڀائپي جو عملي نمونو بڻجي رهون، ننڍن تي شَفقت ۽ وڏن جو ادب ڪرڻ پنهنجي عادت ۾ شامل ڪيون، ياد رکو جيڪڏهن اسان حُسنِ اخلاق جو عملي نمونو بڻجي وياسين تہ اِنْ شَآءَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ ان جا بي شُمار دُنيوي ۽ اُخْرَوِي فَائدا حاصل ٿيندا. احاديثِ مُبارَڪ ۾ حُسنِ اخلاق جا تمام گهڻا فضائل بيان ٿيا آهن جيئن

## ڪامل ايمان وارو

حضرت سَيدُنا ابُوهريره رَضِيَ اللّٰه تَعَالٰي عَنْه کان مَروِي آهي تہ نبي اڪرم صَلَّي اللّٰه تَعَالٰي عَلَيه وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن اِرشاد فرمايو تہ ”مُومِنِين ۾ ڪامل تَرِين اِيمان وارو اهو آهي جنهن جو اَخلاق سنو آهي.“ (الترغيب والترهيب ، كتاب الادب،باب في الخلق الحسن ، ٣٢٦/٣ ، الحديث:٤٠٥٣)

هڪ بي حديثِ پاڪ ۾ آهي: حُسنِ اخلاق گُناهن کي اهڙي طرح پگهاريندو آهي جهڙي طرح اُس برف کي پگهاريندي آهي.“
(شُعبُ الايمان ، باب في حسن الخلق ، ٢٤٧/٦ ، حديث:٨٠٣٦)

## 12 مدني ڪمن مان هڪ ”هفتيوار اجتماع“ ۾ شرڪت آهي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان تہ حُسنِ اخلاق اپنائڻ جا ڪيتري قدر فضائل آهن لهٰذا اوهان بہ جيڪڏهن اعليٰ اَخلاقي اَوصاف جي حامِل شخصيت بڻجڻ چاهيو ٿا تہ اچو دعوتِ اسلامي جي مَدَني ماحول سان وابستہ ٿي وڃو ۽ ذيلي حلقي جي 12مَدَني ڪمن ۾ وڌ کان وڌ حصو وٺو! ذيلي حلقي جي 12مَدَني ڪمن مان هڪ مَدَني ڪم هفتيوار سُنَّتن ڀري اِجتِماع ۾ شِرڪت بہ آهي. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ هفتيوار سُنَّتن ڀري اجتماعن ۾ تِلاوت و نعت، سُنّتن ڀريا اصلاحي بيان ٻڌڻ، اجتماعي طور تي ذڪرُ اللّٰه ڪرڻ ۽ رِقّت انگيز دُعا ۾ پنهنجي گُناهن کان توبہ ڪرڻ سان گڏوگڏ صحبت اِختيار ڪرڻ جو موقعو بہ ملندو آهي. حديثِ پاڪ ۾ بہ سٺي صحبت اختيار ڪرڻ جي ترغيب ڏياري وئي آهي. (مسند احمد،مسند ابي هريرة،٣/ ٢٣٣،حديث:٨٤٢٥ماخوذاً) جڏهن تہ گڏ ٿي ذِڪرُاللّٰه ڪرڻ

وارن کي بخشش ۽ بُرائين کي نيکين ۾ بدلجڻ جي خوشخبري بہ ٻڌئي وئي آهي. (شعب الايمان،الفصل الثاني في ذکر آثار...الخ، ۴۵۴/۱،حديث: ٦٩٥ماخوذاً)

اچو! ترغيب جي لاءِ هفتيوار سُنَّتُن پري اجتماع ۾ شرکت جي هڪ ايمان افروز مَدَني بهار بہ ٻڌون ٿا،

## بغل ۾ ڪينسر جا غُدُود

بابُ المدينہ (ڪراچي) جي علائقي نيا آباد جي هڪ اسلامي ڀيڻ جي بغل ۾ غُدُود ٿي ويا ۽ ڊاڪٽرن ڪينسر قرار ڏئي ڇڏيو.حالت روزانو بگڙجندي پئي وئي، هڪ اسلامي ڀيڻ اِنفرادي ڪوشِش ڪندي جونا گڙه هال (نيا آباد) ۾ اربع تي ٿيڻ واري اسلامي ڀينرن جي هفتيوار سنّتن پري اِجتِماع جي دعوت پيش ڪئي. اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ اسلامي ڀينرن جي اِجتِماع ۾ شرڪت جي بَرَڪت سان حيرت انگيز طور تي اُن جي بغل جا غُدُود بہ غائب ٿي ويا ۽ ڪينسر جو مَرَض بہ ختم ٿي ويو.

اگر دردِ سَر ہو یا کینسر کہیں ہو
دِلائے گا تم کو شفا مَدَنی ماحول
شفائیں ملیں گیں بلائیں ٹلیں گیں
یقیناً ہے برکت بھرا مَدَنی ماحول

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## مَدَني مُذاڪري جا مَدَني گل

شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت حضرت علّامہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي ضيائي دَامَتْ بَرَڪَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ يومِ آزادي جي مُتعلق جيڪي مُفيد مَدَني گل عَطا فرمايا آهن اهي بہ ملاحظہ ڪيو جيئن تہ پاڻ دَامَتْ بَرَڪَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ اِرشاد فرمائن ٿا: هڪ تمام وڏو تعداد جيڪو جَشنِ آزادي غلط طريقي سان ملهائي ٿو خُوب هلّ گُلہ ۽ شور شرابو ڪندي ۽ هوائي فائرنگ ۽ خبر ناهي ڇا ڪندو آهي، الله عَزَّوَجَلَّ ڪري مُسلمان انهن خُرافات ڪان بچي مسجد

۾ اچي اسان سان گڏ جشنِ آزادي ملهائن، جيڪڏهن پري هجن تہ مدني چينل ڏسي جَشنِ آزادي ملهائن تہ اِنْ شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ اهو وَقُت بہ ايندو جو اسان جهنّم کان آزادي جو جَشن ملهائيندا سين ها! يہ جهنّم کان آزادي جو جَشن حياتي ۾ نٿو ٿي سگهي (پوءِ امير اهلسنت دَامَتْ بَرَکَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ جشن آزادي تي خُرافات ۾ پوڻ وارن کي بچڻ جو ذهن ڏيندي ارشاد فرمائن ٿا) چا عجب جنهن گناهن جو پر پور پروگرام بڻائي رکيو آهي اهو گناهن جو وَقُت شروع ٿيڻ کان پهريان ئي پَيڪ اجل کي لَبَّيڪ چئي ڇڏين ۽ انهن کي موت اچي وڃي چا عجب ان رات ٿيڻ واري فائرنگ ۾ ڪنهن گولي تي ڪنهن جو نالو لکيل هجي جو مان اُن جي کوپڙي ۾ ويندس، اُن جي سيني کي زخمي ڪنديس ۽ قبر ان جي لاءِ کوٽي تيار هجي، ڪفن اُن جي لاءِ متعين هجي تہ اهو ڪفن اڄ ان کي پائڻو آهي يا اُن جي لاءِ اسپتال جو ڪو بيڊ مُزين هجي ۽ اُن جي انتظار ۾ هجي، گناه ڪندي مَرڻ يا گُناه جو پڪو ارادو هجي ان حالت ۾ موت کان ملڻ چڱو ناهي، ڪاش گناه ڪندي اسان کي اهو احساس ٿئي تہ منهنجو رب مون کي ڏسي رهيو آهي منهنجو رب ناراض ٿي ويندو مان ڪٿي پنهنجي آخرت خراب نہ ڪري ڇڏيان، اي منهنجا همر وطنو! جيڪڏهن گناه جا سلسلا اوهان سوچيا رکيا آهن مهرباني ڪري سمجهي وڃو، توبہ ڪري وٺو ائين نہ ٿئي جو گناه ڪندي اوهان ماڻهن کي موت اچي ۽ اسان ماڻهن کي ڪا بہ خبر نہ پوي پوءِ اسان عبرت جي طور تي اوهان جو بيان ڪيون بلڪ جو گُناه جو عزمِ مُصمم ڪري ۽ هاڻ توبہ ڪري وٺو ان جي لاءِ بہ فضيلت آهي.

(مدني مذاڪري جا مدني پهول)

## نعمت جو شڪر ڪيئن ادا ڪيون؟

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان يوم آزادي ملهائڻ جي غلط طريقن جي باري ۾ ٻڌو تہ جشنِ آزادي جي نالي تي ڳائڻ وڄائڻ، جشنِ آزادي جي نام تي رَقص وسُرُور جون محفلون سجائڻ، جشنِ آزادي جي نالي تي ٻانهن جا حق ضايع ڪرڻ، ماڻهن کي جاني ومالي نقصان پهچائڻ، جشنِ آزادي جي نام تي شراب

نوشي ڪرڻ يقيناً الله عَزَّوَجَلَّ جي نعمت جيڪا اسان کي وطنِ عزيز جي صُورت ۾ حاصل ٿي ان جي ناقدري ڪرڻ آهي. جيڪڏهن اسان کي ان موقعي تي خوشي جو اظهار ڪرڻو ئي آهي ته اهڙن طريقن سان ڪيون جنهن ۾ الله عَزَّوَجَلَّ جي رِضا شامل هجي مثلاً،

## نفل ادا ڪيو

الله عَزَّوَجَلَّ جي رِضا ۽ ان جو شڪر ادا ڪرڻ جي نيت سان نفل ادا ڪيو ۽ پوءِ ائين دعا به ڪيو ته يا رب تو اسان کي آزاد ملڪ جي صورت ۾ جيڪا نعمت عطا فرمائي آهي اسان کي ان جو قدر ڪرڻ جي توفيق عطا فرما ، هن ملڪ ۾ تنهنجا ئي احڪام ۽ تنهنجي رضا وارا ڪم ڪرڻ جي توفيق عطا فرما ۽ هر ان ڪم کان بچڻ جي توفيق عطا فرما جنهن سان تون ۽ تنهنجي پياري حبيب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ناراض ٿيندا هجن.

## تلاوتِ قُرآن ڪيو

اهڙي طرح هن عظيم نعمت جي شڪراني جو هڪ بهترين طريقو هي به آهي ته جنهن رَبِّ ڪريم عَزَّوَجَلَّ اسان کي اها نعمت عطا فرمائي آهي ان جي ڪلام (قرآنِ ڪريم) جي تلاوت ڪندي ۽ سرڪارِ مدينه راحتِ قلب وسينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ذاتِ بابرڪت تي دُرُود شريف جي ڪثرت ڪندي هن يومِ آزادي کي ملهايو وڃي. اِنْ شَآءَ اللهُ عَزَّوَجَلَّ ان جون خُوب بَرڪتون حاصل ٿينديون.

## نيڪ اجتماعات ۾ شرڪت ڪيو

۽ شڪر جو هڪ اَحسَن طَريقه هي به آهي ته دِيني مَحفلن ۽ نيڪ اجتماعن ۾ شرڪت ڪري هن نعمت جي باري ۾ وڌيڪ مُفِيد معلومات حاصل ڪئي وڃي ته جيئن هن نعمت جي قدر ومنزلت ۽ ان جي اهميت اسان جي دلين ۾ چڱي طرح بيدار ٿئي.

## مدني قافلي ۾ سفر ڪيو

۽ هن عظيم نعمت جي شڪراني ۾ زهي نَصِيب جيڪڏهن هر هڪ اسلامي ڀاءُ ڪي مدني قافلي ۾ سفر جي سَعادت مِلي وڃي ته جيئن هن پاڪ وطن ۾ رهڻ وارن کي نيڪين ڏانهن رغبت، نمازن ۽ سنتن سان محبت ۽ گناهن سان نفرت نصيب ٿي وڃي.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب          صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## بيان جو خُلاصو:

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اڄ جي بيان ۾ اسان نعمتن جو شڪر ادا ڪرڻ جو طريقو ۽ ان جا فضائل ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪئي. الله عَزَّوَجَلَّ جي نعمتن جو شڪر ادا ڪرڻ واري جي دل ۾ الله عَزَّوَجَلَّ جي مَحَبَّت وڌي ويندي آهي ،نعتمن جو شڪر ادا ڪرڻ سان الله عَزَّوَجَلَّ وڌيڪ نعمتون عطا ڪندو آهي، نعمتن جو شڪرادا ڪرڻ سان الله عَزَّوَجَلَّ پانهي کي انهن نعمتن مان نفعو عطا فرمائيندو آهي، نعمتن جو شڪر اداڪرڻ واري جا آخرت ۾ درجا بلند ڪيا ويندا، نعمتن جو شڪر اَداڪرڻ واري کي اها نعمت ڪڏهن نقصان نه ڏيندي، نعمتن جو شڪر ادا ڪرڻ نصف ايمان آهي، نعمتن جو شڪر ادا ڪرڻ واري کي الله عَزَّوَجَلَّ جي اطاعت نصيب ٿيندي آهي، نعمتن جو شڪر ادا ڪرڻ الله وارن جي عادت آهي .۽ جيڪو شخص الله عَزَّوَجَلَّ جي نعمتن جو شڪر اَدا ناهي ڪندو اها نعمت ان جي لاءِ عذاب بڻجي ويندي آهي، نعمتن جو شڪر ادا نه ڪرڻ هلاڪت جو سبب آهي، نعمتن جو شڪر اَدا نه ڪرڻ نعمتن ۾ رُڪاوٽ جو سبب آهي. الله عَزَّوَجَلَّ اسان کي نعمتن جو شڪر اَداڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي ۽ ناشڪري ۽ شڪوي شڪايت ڪرڻ کان بچڻ جي توفيق عطا فرمائي ۽ پنهنجي وطنِ عزيز جي قَدر ڪندي ان ۾ خوب خوب نيڪي جي دعوت جون ڌومون مچائڻ جي سعادت نصيب فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

شيخِ طريقت ،اميراهلسنت حضرت علامہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوري ضيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ هن پاڪ وطن جي لاءِ دعائيہ اشعار تحرير فرمايا آهن اچو گڏجي دُعاڪيون ٿا.

يا خدا پاک وطن کی تو حفاظت فرما فضل کر اس پہ سدا سایہ رحمت فرما
شکر صد شکر غلامی سے ملی آزادی پھر عنایت ہمیں کھوئی ہوئی شوکت فرما
آج ہے امن وطن کا میرے پارہ پارہ پھر مہیا میرے مولا اسے راحت فرما
ہائے بدمست گناہوں میں ہوئے اہل وطن یا خدا سب کو عطا نیک ہدایت فرما
لطف سے تیرے ملی پاک وطن کی سوغات فضل سے اب اسے جنت بھی عنایت فرما
بچہ بچہ ہو نمازی میرے پاکستان کا ہو عطا جذبہ پابندی سنت فرما
واسِطہ شاہِ مدینہ کا اے پیارے اللہ دُور عطار سے دنیا کی محبت فرما

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو ! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، تاجدار رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّي اللّٰهُ تَعَالٰي عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.(1)

سینہ تری سُنَّت کا مدینہ بنے آقا
جنَّت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

1...مشكاة الصابيح،كتاب الايمان،باب الاعتصام بالكتاب والسنة،١/٩٧،حديث:١٧٥

www.dawateislami.net

## مِسواڪ جون سُنّتون ۽ آداب:

اچو! شيخ طريقت، اميرِ اهلسنَّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ جي رِسالي "163 مَدني گل" مان مِسواڪ جون سنّتون ۽ آداب ٻڌون ٿا.

پهريان 2 فرمان مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مُلاحَظ ٿين: ✽ ٻہ رڪعتون مسواڪ (يعني ڏندڻ) ڪري پڙهڻ بغير مِسواڪ جي 70 رڪعتن کان افضل آهن.[1] ✽ مِسواڪ جو استعمال پاڻ تي لازم ڪري ڇڏيو ڇو تہ هي وات جي صفائي ۽ ربّ تعاليٰ جي رضا جو سبب آهي.[2] ✽ حضرت سيدنا ابن عباس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنهُ کان روايت آهي تہ مسواڪ ۾ ڏهہ خوبيون آهن: (ڪجھ هي آهن) وات کي صاف ڪري ٿو، مسوڙن کي مضبوط ڪري ٿو، نظر تيز ڪري ٿو، بلغم ختم ڪري ٿو، وات جي ڌپ ختم ڪري ٿو، سنت جي موافق آهي، فرشتا خوش ٿين ٿا، ربّ عَزَّوَجَلَّ راضي ٿئي ٿو. ✽ حضرت سَيدُنا امام شافِعي رَحمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه فرمائن ٿا: چار شيون عقل وڌائيندڙ آهن: فضول ڳالهين کان پرهيز، مسواڪ جو استعمال، نيڪ ماڻهن جي صحبت، پنهنجي علم تي عمل ڪرڻ.[3] ✽ مسواڪ پيلو يا زيتون يا نم وغيره جي ڪَوڙي ڪاٺي هجي ۞ مسواڪ جي ٿولھ چيچ جي برابر هجي.✽ مِسواڪ جڏهن استعمال جي قابل نہ رهي تہ اڇلايو نہ، جو هي سنّت ادا ڪرڻ جو ذريعو آهي، ڪنهن جڳھ تي احتياط سان رکي ڇڏيو يا دفن ڪري ڇڏيو يا سمنڊ ۾ وجهي ڇڏيو

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب     صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

---

1...اَلتَّرغِيب وَالتَّرہِيب ،كتاب الطہارة،الترغيب فی السواك ...الخ،۱۲۷/۱،حديث:۳۳۷

2...مُسندِ احمد ،مسند عبدالله بن عمربن الخطاب، ۲ /۴۳۸،حديث:۵۸۶۹

3...اِحياء الْعُلوم،كتاب آداب الاكل،فصل:يجمع آدابا ...الخ،۲۷/۲

طرح طرح جون هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”بهار شريعت“ حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب ”سنتين ۽ آداب“ هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.

تری سُنّتوں پہ چل کر میری روح جب نکل کر
چلے تم گلے لگانا مدنی مدینے والے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

### (1) جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.(1)

[1]...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

## (2) سمورا گُناہ مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَ مَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّ عَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا.[1]

## (3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[2]

## (4) ڇهه لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي عَلَيْهِ رَحمَةُ اللهِ الهَادِی ڪن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[3]

---

[1] ...افضل الصلوات علی سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

[2] ...القول البديع، الباب الثانی، ص277،

[3] ...افضل الصلوات علی سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149

www.dawateislami.net

## (5) قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَ تَرضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ اللهُ تَعَالٰى عَنهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُاللهُ تَعَالٰى عَنهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهو مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي.[1]

## (6) دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[2]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

---

[1]...القول البديع، الباب الاول، ص125

[2]... الترغيب والترهيب، ج ٢، ص ٣٢٩، حديث ٣١

## (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَی اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُمَا کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هي درود شريف پڑهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[1]

## (2) جڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، الله عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڑهيو جڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. (ابنِ عساکر ج 19، ص 155، حديث 4455)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

[1] … مجمع الزوائد،كتاب الادعية،باب فی كيفية الصلاة…الخ،254/10،حديث:17305

www.dawateislami.net